# سنڌ آرڊيننس نمبر **VI** مجريه **1982**

# SINDH ORDINANCE NO.VI OF 1982

# سنڌ ماليات آرڊيننس، **1982**

## THE SINDH FINANCE ORDINANCE, 1982

## (CONTENTS) فهرست


تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

2. 1899 جي ايڪٽ II جي ترميم
Amendment of Act II of 1899

3. 1958 جي اولهه پاڪستان ايڪٽ XXXII جي ترميم
Amendment of West Pakistan Act XXXII of 1958

4. 1964 جي اولهه پاڪستان ايڪٽ XXXIV جي ترميم
Amendment of West Pakistan Act XXXIV of 1964


# سنڌ ايڪٽ نمبر **VI** مجريه **1982**

## SINDH ORDINANCE NO.VI OF

**1982**

# سنڌ ماليات آرڊيننس، **1982**

# THE SINDH FINANCE ORDINANCE, 1982

[30 جون 1982]

تمهيد
(Preamble)

آرڊيننس جنهن ذريعي سنڌ صوبي ۾ ڪجهه ٽيڪسز ۽ ڊيوٽيز لڳائي، معقول بڻائي ۽ انهن ۾ اضافو ڪيو ويندو، ۽ ڪجهه قانونن ۾ ترميم ڪئي ويندي.

جيئن ته سنڌ صوبي ۾ ڪجهه ٽيڪس ۽ ڊيوٽيز لڳائي، معقول بڻائي ۽ انهن ۾ اضافو ڪرڻ ۽ ڪجهه قانونن ۾ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پيو آهي، جيڪا هن ريت هوندي؛

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

هاڻي تنهن ڪري، پنجين جولاءِ 1977 جي اعلان ۽ پرووزنل ڪانسٽيٽيوشن آرڊر، 1981 جي روشني ۾ سنڌ جي گورنر هيٺيون آرڊيننس جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي:

1. (1) هن آرڊيننس کي سنڌ ماليات آرڊيننس، 1982 سڏيو ويندو.

(2) هي فوري طور تي لاڳو ٿيندو ۽ پهرين جولاءِ 1982 کان لاڳو سمجهيو ويندو.

1899 جي ايڪٽ II جي ترميم
Amendment of Act II of 1899

2. اسٽيمپ ايڪٽ، 1899 ۾، سنڌ صوبي ۾ لاڳو ڪرڻ لاءِ، شيڊول I ۾:

| | |
|---|---|
| (a) آرٽيڪل 11 کانپوءِ، هيٺيون شامل ڪيو ويندو:<br>"11-A. تصديق، جنهن جو | هڪ رپيو. |

| | | |
|---|---|---|
| مطلب هڪ اوٿ ڪمشنر يا فرسٽ ڪلاس مئجسٽريٽ کانسواءِ ڪنهن ٻئي نوٽري پبلڪ يا سرڪاري عملدار طرفان ڪيل تصديق يا سرٽيفڪيشن. ” | | |
| (b) آرٽيڪل 15 لاءِ هن ريت متبادل بڻايو ويندو:<br>“15. بانڊ جيئن دفعه (5)2 تحت بيان ڪيو ويو آهي جيڪو ڊبينچر (نمبر.27) نه هجي ۽ نه ئي ٻي صورت ۾ هن ايڪٽ، يا ڪورٽ فيس ايڪٽ، 1870 موجب فراهم ڪيو ويو هجي:<br>جتي ضمانت بڻايل قيمت يا ملهه 500 رپين کان وڌيڪ نه هجي.<br>جتي اها 500 رپين کان وڌي وڃي، 500 رپين جي هر هڪ اضافي رقم يا ان جو حصو.” | <br><br><br><br><br><br><br>پندرنهن رپيا<br><br>پندرنهن رپيا | |
| (c) آرٽيڪل 26 جي شق (b) جي ڪالم (2) ۾، لفظن “ستٽيهه رپيا پنجاهه پئسا”، کي لفظن “چاليهه رپيا” سان متبادل بڻايو ويندو؛ | | |
| (d) آرٽيڪل 27 جي شق (b) لاءِ سواءِ وضاحت ۽ چوٿ جي، هيٺين ريت متبادل بڻايو ويندو:<br>“(b) ڊليوري ذريعي: | سترنهن رپيا ۽ | |

| | | |
|---|---|---|
| هر 500 رپين يا ان جي حصي جي ڊبينچر جي ظاهري اگهه لاءِ. | پنجاهه پئسا. | |
| (e) آرٽيڪل 28 جي ڪالم 2 ۾، لفظن "پنجويهه پئسا" لاءِ لفظن "هڪ رپيو" کي متبادل بڻايو ويندو؛ | | |
| (f) آرٽيڪل 37 لاءِ هيٺين ريت متبادل بڻايو ويندو:<br>"37. هنڊي (Letter of credit)، جنهن کي اهڙو آله ڪار چئجي جنهن ۾ درخواستون ۽ معاهدا به شامل آهن ۽ اهي هنڊيءَ ڪولڻ جي ڪتب ايندا هجن، جنهن ذريعي ڪو ماڻهو ٻئي کي بااختيار بڻائي ٿو ته اهو رقم ادا ڪري اهڙي ماڻهو کي جنهن جي نالي ۾ اها هنڊي ڪڍي وئي آهي:<br>(a) جيڪڏهن هنڊي جي رقم 50،000 رپين کان وڌيڪ نه هجي؛<br>(b) جيڪڏهن هنڊي جي رقم 50،000 کان وڌيڪ هجي پر 500،000 کان وڌيڪ نه هجي؛<br>(c) ڪنهن رقم لاءِ جيڪا 500،000 رپين کان وڌيڪ هجي."۔ | ڏهه رپيا<br>پنجويهه رپيا<br>پنجاهه رپيا | |
| (g) آرٽيڪل 48 لاءِ، سواءِ | | |

| | |
|---|---|
| وضاحت جي، هيٺين ريت متبادل بڻايو ويندو:<br>“48. خودمختياريءَ جا اختيار جيئن دفعه 2(21) ۾ بيان ڪيو ويو آهي، جيڪو پروڪسي (نمبر.52) نه هجي: | |
| (a) جڏهن اهو انهيءَ صورت ۾ ڪتب آندو وڃي، جنهن ذريعي هڪ يا هڪ کان وڌيڪ دستاويز ورتا وڃن، پوءِ اهي هڪ دفعي جي ڏيتي ليتي لاءِ هجن، يا ان لاءِ انهن دستاويزن مان هڪ يا هڪ کان وڌيڪ ڪتب آڻجن. | پنج رپيا<br>ڏهه رپيا |
| (b) جڏهن هڪ يا وڌيڪ ماڻهن کي هڪ ڏيتي ليتي جي ڪم لاءِ بااختيار بڻايو وڃي، سواءِ ان معاملي جي جيڪو شق (a) ۾ بيان ڪيو ويو آهي؛ | پنجهتر رپيا |
| (c) جڏهن پنجن کان وڌيڪ نه ماڻهن کي هڪ کان وڌيڪ ڏيتين ليتين ۾ يا عام طور بااختيار بڻايو وڃي؛ | هڪ سئو رپيا |
| (d) جڏهن پنج کان وڌيڪ پر | |

| | |
|---|---|
| ڏهن ڪان گهٽ ماڻهن ڪي گڏيل طور ۽ گهٽائي ۾ هڪ منتقلي يا لاءِ بااختيار بڻايو وڃي يا عام طور تي؛ | ساڳي ڊيوٽي جيڪا غور هيٺ ملهه لاءِ ڪانوينس (نمبر.23) تي اوڳاڙي لاءِ لائق آهي. |
| (e) جڏهن غير متحرڪ ملڪيت غور ڪرڻ لاءِ يا وڪرو ڪرڻ لاءِ اٿارني ڪي بااختيار بڻايو وڃي. | هر بااختيار بڻايل ماڻهو لاءِ ڏهه رپيا.”؛ |
| (f) ڪنهن ٻئي معاملي ۾. | |
| (h)آرٽيڪل 49 لاءِ، هيٺين ريت متبادل بڻايو ويندو: | |
| “49. پروميزري نوٽ جيئن دفعه 2(22) ۾ واضح ڪيو ويو آهي: | پندرنهن رپيا |
| (a) جڏهن مطالبي تي واجب الادا هجي: | ٽيهه رپيا |
| (i)جڏهن قيمت يا ملهه ٻه سئو پنجاهه هزار رپين ڪان وڌيڪ نه هجي؛ | ساڳي ڊيوٽي جيئن بل آف ايڪسچينج (نمبر. 13) تي آهي، ساڳي واجب الادا رقم لاءِ سواءِ آن ڊمانڊ جي.”؛ |
| (ii) جڏهن قيمت ٻه سئو پنجاهه هزار رپين ڪان وڌيڪ هجي؛ | |
| (b) جڏهن گهرڻ ڪانسواءِ ڪنهن ٻي صورت ۾ واجب الادا هجي. | |
| (i)آرٽيڪل 52 جي ڪالم 2 ۾، لفظن “پنجويهه پئسا” لاءِ لفظن “هڪ رپيو” ڪي متبادل بڻايو | |

| | | |
|---|---|---|
| ويندو؛<br>(j)آرٽيڪل 55 جي شق (b) جي ڪالم نمبر 2 ۾ لفظن "سٺيهه رپيا ۽ پنجاهه پئسا" کي لفظن "پنجاهه رپيا" سان متبادل بڻايو ويندو؛ | ديوٽي جنهن سان ليز اوڳاڙي لائق آهي. | |
| (k)آرٽيڪل 61 لاءِ، سواءِ چوٿ جي، هيٺين ريت متبادل بڻايو ويندو:<br>"61. ليز تان هٿ کڻڻ.<br>(l) آرٽيڪل 64 لاءِ، هيٺين ريت متبادل بڻايو ويندو:<br>"64. ٽرسٽ:<br>A. ملڪيت سان لاڳاپيل جڏهن لکت ۾ هجي پر اها وصيت نه هجي. | ساڳيو محصول جيڪو باند (نمبر. 15) تي ڏنل آهي، اهو برابر هوندو ملڪيت جي ملهه واري معاوضي جيترو، جنهن جو ذڪر دستاويز ۾ ڪيو ويو آهي پر اهو پنجاهه رپين کان مٿي نه هوندو. | |
| B. ڪنهن لاڳاپيل ملڪيت جي سڌار، جڏهن وصيت کان سواءِ ڪئي وڃي. | ساڳيو محصول جيڪو باند (نمبر. 15) تي ڏنل آهي، اهو برابر هوندو ملڪيت جي ملهه واري معاوضي جيترو، جنهن جو ذڪر دستاويز ۾ ڪيو ويو آهي پر اهو پنجاهه رپين کان مٿي نه هوندو. | 1958 جي اولهه پاڪستان ايڪٽ XXXII جي ترميم<br>Amendment of West Pakistan Act XXXII of 1958<br>1964 جي اولهه پاڪستان ايڪٽ XXXIV جي ترميم<br>Amendment |

of West Pakistan Act XXXIV of 1964

| | |
|---|---|
| 3. سنڌ موٽر وهيڪلس ٽيڪسيشن ايڪٽ، 1958 ۾، شيڊول کي هن آرڊيننس جي شيڊول سان تبديل ڪيو ويندو. | |
| 4. سنڌ ماليات ايڪٽ، 1964 ۾، ستين شيڊول ۾، جريان نمبر 7 لاءِ، هيٺين ريٽ متبادل بڻايو ويندو. | |
| "7. سموريون فيڪٽريون، دڪان ۽ اسٽيبلشمينٽس (سواءِ انهن جي جيڪي شيڊول جي ڪيٽيگريز 2 کان 6 تائين اچن ٿيون): | |
| (a) گذريل مالي سال جي انڪم ٽيڪس ۾ شامل ڪيل؛ | 200.00 رپيا |
| (b) گذريل مالي سال جي انڪم ٽيڪس ۾ شامل نه ڪيل؛ | 100.00 رپيا |

شيڊول

(ڏسو دفعه 3)

| جريان | موٽر گاڏين جا تفصيل | هر گاڏي تي |
|---|---|---|

| نمبر | | ساليانی ٽيڪس |
|---|---|---|
| 1. | سائيڪليون | رپيا |
| | (a) موٽر سائيڪليون، جنهن ۾ شامل آهن اسڪوٽرس جيڪي 90 ڪلوگرام کان وڌيڪ بار نه کڻندڙ هجن. | 52 |
| | (b) موٽر سائيڪل، جنهن ۾ شامل آهن اسڪوٽرس، جيڪي، 90 ڪلوگرام کان وڌيڪ بار نه کڻن. | 68 |
| | (c) جيڪڏهن (a) ۽ (b) وارين گاڏين سان ٽريلر گڏيل آهي ته ٽريلر لاءِ اضافي معاوضو ورتو ويندو. | 16 |
| | (d) مڪينيڪل پاور ذريعي هلائي ويندڙ ٽن ويلن واري گاڏي. | 68 |
| 2. | اهي موٽر گاڏيون جيڪي 250 ڪلوگرام کان وڌيڪ بار نه کڻندڙ هجن ۽ قانوني طور تي بي اثر طور استعمال ڪيون وڃن. | ڪا ٽيڪس ناهي |
| 3. | شين ۽ سامان جي عام طور چرپر لاءِ استعمال ٿيندڙ موٽر گاڏيون. | |
| | (a) بجلي تي هلندڙ گاڏيون جيڪي 250 ڪلوگرام کان وڌيڪ بار نه کڻندڙ | 56 |

| | | | |
|---|---|---|---|
| | | هجن. | |
| | (b) | موٽر گاڏيون جيڪي 2030 ڪلوگرام کان وڌيڪ بار نه کڻنديون هجن. | 376<br>628 |
| | (c) | موٽر گاڏيون جيڪي 2030 ڪلوگرام کان وڌيڪ وزن کڻنديون هجن پر اهو وزن 4060 ڪلوگرام کان وڌيڪ نه هجي. | 952 |
| | (d) | موٽر گاڏيون جيڪي 4060 ڪلوگرام کان وڌيڪ وزن کڻنديون هجن پر اهو وزن 6090 ڪلوگرام کان وڌيڪ نه هجي. | 1876 |
| | (e) | گاڏيون جيڪي 6090 ڪلوگرام کان وڌيڪ وزن کڻنديون هجن پر اهو وزن 8120 ڪلوگرام کان وڌيڪ نه هجي. | 2828 |
| | (f) | موٽر گاڏيون جيڪي 8120 کان وڌيڪ وزن کڻنديون هجن پر اهو وزن 10400 کان وڌيڪ نه هجي. | 2828<br>252 |
| | (g) | 10400 کان وڌيڪ | |

| | | |
|---|---|---|
| | وزن واريون موٽر گاڏيون. | |
| | (h) جيڪڏهن ٽريلر (a) ۽ (b) ۾ ڄاڻايل گاڏين سان ڳنڍيل هجي، اضافي معاوضو ٽريلر لاءِ ورتو ويندو. | |
| .4 | موٽر گاڏي جيڪا گراهڪن لاءِ ڀاڙي تي سواري جي مقصد لاءِ استعمال ڪئي وڃي. | |
| | (a) ٽي ويلن واري سائيڪل جنهن ۾ رڪشا شامل هجي، جيڪا مڪينيڪل پاور ذريعي هلائي وڃي، جنهن ۾ ٽن کان وڌيڪ ماڻهن جي گنجائش نه هجي. | 392 |
| | (b) موٽر گاڏيون، جيڪي (a) ۾ شامل گاڏيون نه هجن ۽ چئن کان وڌيڪ ماڻهن جي ويهڻ جي گنجائش نه هجي. | 520 |
| | (c) موٽر گاڏيون، جيڪي (a) ۾ شامل گاڏيون نه هجن ۽ ڇهن کان وڌيڪ ماڻهن جي ويهڻ جي گنجائش نه هجي. | 652 |
| | (d) موٽر گاڏيون، جيڪي (a) ۾ شامل گاڏيون نه | 98 هر هڪ سيٽ |

| | | | |
|---|---|---|---|
| | | هجن، جنهن ۾ ڇهه ماڻهن جي ويهڻ جي گنجائش هجي پر ڇويهه کان وڌيڪ ماڻهن جي ويهڻ جي گنجائش نه هجي، جيڪي ڪارپوريشن، ميونسپلٽي يا ڪنٽونمنٽ جي حدن ۾ هلنديون هجن. | 78 هر هڪ سيٽ |
| | (e) | موٽر گاڏيون، جيڪي (a) ۾ شامل گاڏيون نه هجن، جنهن ۾ ڇويهه ماڻهن جي ويهڻ جي گنجائش هجي، جيڪي ڪارپوريشن، ميونسپلٽي يا ڪنٽونمنٽ جي حدن ۾ هلندڙ هجن. | 138 هر هڪ سيٽ |
| | (f) | موٽر گاڏيون، جيڪي (a) ۾ شامل گاڏيون نه هجن، جنهن ۾ ڪارپوريشن، ميونسپلٽي يا ڪنٽونمنٽ جي حدن کان هلندڙ هجن ۽ انهن ۾ ڇهه ماڻهن جي ويهڻ جي گنجائش هجي. | |
| .5 | | موٽر گاڏيون جيڪي نجي مقصدن لاءِ استعمال ٿينديون هجن. | |
| | (a) | موٽر گاڏيون جن ۾ چار ماڻهن کان وڌيڪ ماڻهن جي گنجائش نه هجي ۽: | |

| | | |
|---|---|---|
| 360 | (i) 7.46 kwt کان وڌيڪ نه هجي. | |
| 400 | (ii) 7.46 kwt کان وڌيڪ هجي پر 13.43 کان گهٽ هجي. | |
| 520 | (iii) 13.43 kwt ۽ ان کان مٿي. | |
| | (b) موٽر گاڏيون جن ۾ چار ماڻهن کان وڌيڪ ماڻهن جي هر اضافي سيٽ جي گنجائش هجي: | |
| 72 هر هڪ سيٽ | (i)جيڪڏهن 7.46 kwt کان وڌيڪ نه هجي. | |
| 96 هر هڪ سيٽ | (ii)جيڪڏهن kwt7.46 کان وڌيڪ هجي. | |

نوٽ:- آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.